قرآني بيان

# فيضِ داتا حضور

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امامِ مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

**08-August-2025**

جمعة المبارک جو
(For Islamic Brothers)



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امامِ مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
8 آگسٽ 2025ع (متوقع اسلامي تاريخ 13 صفر شريف، 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# فيضِ داتا حضور

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿.. داتا حضور جو فيضان تمام شهرن ۾ ...

✿.. معذور کي شِفا ملي وئي ............

✿.. ڇا غيرالله کي داتا چئي سگهجي ٿو ...

✿.. داتا حضور جي تعليمات ........

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ كُلَّ يَوْمٍ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ وَكُلَّ لَيْلَةٍ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ حُبًّا بِيْ وَشَوْقًا اِلَيَّ كَانَ حَقًّا عَلَى اللّٰهِ اَنْ يَّغْفِرَ لَهٗ ذُنُوْبَهٗ تِلْكَ اللَّيْلَةَ وَذٰلِكَ الْيَوْمَ

جنهن ڏينهن ۽ رات ۾ مون تي شوق ۽ محبت سان 3،3 دفعا درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ تي حق آهي ته سندس ان ڏينهن جا ۽ ان رات جا گناهه معاف فرمائي ڇڏي.[(1)]

برسے گی رحمتِ شہِ ابرار بالیقیں | مٹ جائے گا گناہوں کا کاجل، درود پڑھ
ان کی ہی بارگاہِ مُنَوَّر میں صبح و شام | کونین میں ہیں سب سے جو افضل، درود پڑھ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمايو آهي):

فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا ﴿۴﴾ فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا ﴿۵﴾ (سيپارو: 30، النّٰزِعٰت: 4، 5)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]...معجم الڪبير، قيس بن عائذ ابو ڪاہل، جلد:8، صفحہ:69، حديث:15316۔

ترجمو كنزالعرفان:پوءِ (قسم آهي ....!!) اڳتي وڌڻ وارن جو، پوءِ ڪائنات جو نظام هلائڻ وارن جو

# داتا حُضُور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو مختصر تعارُف

پيارا اسلامي ڀائرو! صَفَر المظفر جو مبارڪ مهينو آهي، 20 صفر المظفر تي عالَمِ اسلام جي مشهور ۽ معروف هستي، تاجدارِ لاهور، حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو عرسِ مبارڪ ٿيندو آهي۞ داتا حضور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لڳ ڀڳ 400 هجري ۾ دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا ۞ سندن نالو مبارڪ: علي ۽ والد صاحب جو نالو: عثمان آهي ۞ داتا حضور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه افغانستان جي علائقي غزني جا رهاڪو هئا. غزني ۾ هڪ محلي جو نالو آهي: هُجْوير. داتا حضور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه اُنَ محلي ۾ رهندا هئا، انهيءَ نسبت سان هجويري سڏجڻ لڳا ۞ پاڻ نَجِيۡبُ الطَّرَفَيۡن يعني حَسَنِي ۽ حُسَينِي سيد آهن ۞ ابتدائي عمر کان ئي وڏا نيڪ، متقي، پرهيزگار، عبادت گذار ۽ علمِ دين جو تمام گهڻو شوق (*Passion*) رکندا هئا ۞ تقريباً 34 سالن جي عمر ۾ لاهور تشريف کڻي آيا ۞ هتي نيڪي جي دعوت کي عام ڪيائون، دينِ اسلام جو پيغام ڦهلايائون، ماڻهن کي قرآن ۽ سنت جي تعليم ڏنائون. پنهنجي اخلاق ۽ پنهنجي ڪردار سان، ڪڏهن بيانن جي ذريعي تہ وري ڪڏهن ڪرامتون ڏيکاري، بيشمار ڪافرن کي مسلمان ڪيائون، جيڪي اڳ ۾ مسلمان هئا، انهن کي سنتن جو پيڪر بڻايائون، ڪيترن کي عالم بڻايائون ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي پنهنجي تربيت هيٺ آڻي ولايت جي بلند مقام تائين پهچايائون ۞ تقريباً 30 سالن جي عرصي ۾ بَرِصَغِير ۾ هڪ انقلاب برپا ڪري ڇڏيائون ۞ هڪ مضبوط قول جي مطابق پاڻ 465 هجري ۾ هن دنيا مان پردو فرمايائون ۞ سندن مزار مبارڪ لاهور ۾ آهي ۞ انهن جي ئي نسبت سان لاهور کي مَرڪَزُ الْاَولِيا ۽ داتا نگر بہ سڏيو ويندو آهي.(1)

1...تفصيل کے لئے ديکهئے: مکتبۃ المدينہ کا رسالہ "فيضانِ داتا علی ہجويری رَحمۃُ اللہِ عَلَيْہ"۔

کیا غرض دَر دَر پھروں میں بھیک لینے کے لئے
ہے سلامت آستانہ آپ کا داتا پیا
جھولیاں بھر بھر کے لے جاتے ہیں منگتے رات دِن
ہو مِری اُمّید کا گلشن ہَرا داتا پیا (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لله! حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ وليءِ ڪامل آهن ۽ سندن فيض جو درياءُ اڄ بہ جاري آهي.

اسان شروع ۾ سيپارو 30، سورة النّٰزعٰت جون 2 آيتون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اچو تہ پهريان انهن ٻنهي آيتن جي وضاحت ٻڌون ٿا، پوءِ انهن آيتن جي روشني ۾ داتا حضور رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي فيض جو تذڪرو ٻڌنداسين.

# آيتِ ڪريم جي مختصر وضاحت

الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا ۙ﴿۴﴾ فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا ۘ﴿۵﴾ (پارو: 30، النّٰزعٰت: 4، 5) | ترجموڪنزالعرفان: پوءِ (قسم آهي....!) اڳتي وڌڻ وارن جو، پوءِ ڪائنات جو نظام هلائڻ وارن جو |

هن مقام تي اصل ۾ 5 صفتون آهن، جن جو الله پاڪ قسم ڪنيو آهي، انهن مان 2 صفتون اسان ٻڌيون تہ فرمايو ويو: اڳتي وڌڻ وارن جو قسم! ۽ ڪائنات جو نظام هلائڻ وارن جو قسم!

هتي هڪ ڳالهہ ذهن نشين ڪري ڇڏيو تہ سموري ڪائنات جو نظام الله پاڪ ئي هلائي ٿو، سندس شان اهو آهي تہ هُو ڪُنْ فرمائي هزارين جهان پيدا ڪري

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:534۔

سگهي ٿو، هو ڪنهن جو محتاج نہ آهي، سيئي ان جا محتاج آهن، پر اللّٰہ پاڪ پنهنجي ئي قانون مطابق هي نظام ناهيو آهي تہ ڪنهن کي هن ڪائنات جو نظام هلائڻ جي ذميواري عطا فرمائيندو آهي. جيئن فرشتن کي مختلف ذميداريون ڏنيون ويون آهن. مثال طور: ۞ کو فرشتو مينهن وسائڻ تي مقرر آهي ۞ کو فرشتو روح قبض ڪرڻ تي مقرر آهي ۞ ڪنهن جي ذميداري جبلن تي آهي ۞ تہ ڪو سمندن ۽ دريائن تي مقرر آهي، مطلب تہ هي رب ڪريم جو نظام آهي، هو جيئن چاهي ٿو، تيئن هلائي ٿو.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ اللّٰہ پاڪ فرمائي ٿو:

فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا ۙ﴿۴﴾ فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا ۘ﴿۵﴾ (پارو: 30، النّٰزِعٰت: 4، 5)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ (قسم آهي ....!!) اڳتي وڌڻ وارن جو، پوءِ ڪائنات جو نظام هلائڻ وارن جو

هن مقام تي اُهي ڪهڙا خوشنصيب آهن، جن جو اللّٰہ پاڪ قسم ڪنيو آهي؟ اهي ڪير آهن جيڪي اڳتي وڌڻ وارا آهن؟ اُهي ڪير آهن جن کي اللّٰہ پاڪ ڪائنات جي نظام هلائڻ جي ذميداري ڏَئي ڇَڏِي آهي؟ ۞ امام فخر الدين رازي ۞ علامہ محمود آلوسي ۞ امام بيضاوى رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم ۽ ٻيا ڪيترائي مفسرينِ ڪرام فرمائن ٿا: ان مان مراد اولياءِ ڪرام جا اُهي پاڪ رُوحَ بہ ٿي سگهن ٿا، جيڪي دنيا ۾ اللّٰہ پاڪ جي قرب جا مشتاق رهندا آهن، پوءِ جيئن ئي اهي پنهنجن جسمن کان جدا ٿيندا آهن تيئن ئي تيزي سان اللّٰہ پاڪ جي قرب ڏانهن وڌندا آهن، تنهنڪري اهي اڳتي وڌڻ وارا آهن. وڌيڪ هي تہ جيئن اللّٰہ پاڪ فرشتن کي مختلف ذميواريون عطا ڪيون آهن، تيئن ئي انهن اولياءِ ڪرام جي پاڪ روحن کي بہ مختلف ڪمن جون ذميواريون سونپيون ويندیون آهن. هِي ئي اُهي پاڪ رُوحَ آهن، [1] جن جو قسم ڪڻي اللّٰہ پاڪ ارشاد فرمايو آهي:

1...تفسير بيضاوى مع حاشيہ شيخ زاده، پاره:30، النازعات، زيرِ آيت:5، جلد:8، صفحہ:488 خلاصۃً۔

| | |
|---|---|
| فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا ۙ﴿۴﴾ فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا ۘ﴿۵﴾ (پارو: 30، النّٰزِعٰت: 4، 5) | ترجمو كنزالعرفان: پوءِ (قسم آهي ....!!) اڳتي وڌڻ وارن جو، پوءِ ڪائنات جو نظام هلائڻ وارن جو |

## پاڪ رُوحَ فرشتن سان ملي ويندا آهن

قرآنِ ڪريم ۾ بين هنڌن تي بہ ان ڳالهہ جو بيان موجود آهي تہ اولياءِ ڪِرام جا پاڪ روح جڏهن انهن جي جسمن کان جدا ٿيندا آهن تہ انهن کي چيو ويندو آهي:

| | |
|---|---|
| فَادْخُلِيْ فِيْ عِبٰدِيْ ۙ﴿۲۹﴾ وَ ادْخُلِيْ جَنَّتِيْ ﴿۳۰﴾ (پارو: 30، الفجر: 29۽ 30) | ترجموڪنزالعرفان: پوءِ منهنجن خاص ٻانهن ۾ داخل ٿي وڃ ۽ منهنجي جنت ۾ داخل ٿي وڃ. |

شاهہ ولي الله محدث دهلوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ان مان معلوم ٿيو تہ ولي الله جي پاڪ روح کي فرشتن سان گڏ شامل ٿيڻ جو حق ڏنو ويندو آهي.(1)

## حضرت جعفر طيار کي 2 پَرَ عطا ڪيا ويا

حضرت جعفر طيار رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ صحابيءِ رسول آهن، پاڻ جنگِ موتہ ۾ شهيد ٿيا. صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما هئا، پرسان ئي (حضرت جعفر طيار رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي بيواهہ) حضرت اَسماء بنت عُميس رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا بہ موجود هيون. اوچتو پياري پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، سَلام جو جواب ڏنو، جڏهن تہ اتي سلام ڪرڻ وارو ڪو بہ نہ هو. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن کي جواب ڏنو؟ ان جي وضاحت ڪندي فرمايائون: اي اسماء! هِي جعفر آهن، جيڪي حضرت جبرائيل ۽ ميڪائيل عَلَيۡهِمَا السَّلَام سان گڏ وڃي رهيا هئا، انهن مون کي سلام ڪيو ۽ جعفر مون کي

1...حجۃ اللہ البالغۃ،القسم الاول، المبحث الاول،باب ذکر الملا الاعلی، جلد:1، صفحہ:33۔

ٻڌايو تہ جنگ جي دوران منهنجي جسم تي **73** زخم لڳا هئا. مون اسلامي پرچم ساڄي هٿ ۾ کنيو هو، اهو هٿ ڪٽجي ويو تہ پوءِ مون اسلامي جهنڊو کاٻي هٿ ۾ کنيو، اهو هٿ بہ ڪٽجي ويو. اللّٰہ پاڪ انهن ٻنهي هٿن جي بدران مون کي **2** پر عطا فرمايا آهن، جن جي ذريعي مان فرشتن سان گڏ اڏامندو آهيان ۽ جتي چاهيندو آهيان اُتي لَهندو آهيان. (1)

امام حاڪم مستدرڪ ۾ روايت ڪئي آهي تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: هڪ رات مون جعفر کي ڏٺو، انهن کي **2** پَرَ هئا ۽ هو فرشتن جي هڪ جماعت سان گڏ اڏامي رهيا هئا. (2)

سُبۡحٰنَ اللّٰہ! معلوم ٿيو تہ اللّٰہ پاڪ جا نيڪ ٻانها، اولياءِ ڪِرام جڏهن هن دنيا مان رخصت ٿيندا آهن ۽ سندن روح جڏهن جسمن کان جدا ٿيندا آهن تہ ائين نہ آهي تہ مَعَاذَاللّٰہ! اهي مَري فنا ٿي ويندا آهن، نہ ...!! نہ. بلڪ اهي زنده آهن ۽ انهن کي مختلف ذميواريون عطا ڪيون وينديون آهن.

## داتا حضور جن جو فيض

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ! قرآن پاڪ ۽ احاديث مبارڪ مان اهو ثابت آهي تہ اولياءِ ڪِرام پنهنجن مزارن ۾ زنده آهن، سندن روح مختلف ڪم سرانجام ڏيندا آهن، انهن مان هڪ ڪم پنهنجن عقيدتمندن جي مدد ڪرڻ بہ آهي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ! ۞ حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ بہ ڪامل ولي هئا ۞ سيد زاده بہ هئا ۞ تمام وڏا عالم فاضل بہ هئا ۞ ولايت جي بلند درجي تي بہ پهتل هئا ۞ پاڻ بہ پنهنجي مزار پاڪ ۾ زنده آهن

---

1... مستدرڪ، کتاب معرفة الصحابة رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہم، ذکر قصة شہادة جعفر...الخ، جلد:4، صفحہ:219، حديث:4990۔
2... مستدرڪ، کتاب معرفة الصحابة ، کان جعفر بن ابی طالب يطير...الخ، جلد:4، صفحہ:219، حديث:4990۔

۞ جڏهن چاهِيندا آهن تہ پنهنجي چاهڻ وارن کي پنهنجي ديدار سان بہ نوازيندا آهن ۽ ۞ الله پاڪ جي عطا ۽ ان جي ڏنل طاقت سان پنهنجن چاهيندڙن جون مشڪلاتون بہ آسان فرمائيندا آهن.

## داتا حضور جو فيض سيني شهرن ۾

حضرت مجدد الف ثاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: منهنجي نظر ۾ لاهور شهر بَرِصَغِير جي سيني شهرن ۾ **قُطُب** آهي، هن شهر جو خير ۽ برڪت برصغير جي تمام شهرن ۾ پکڙيل آهي.[(1)]

## ڪامل پِير ملي ويو

بابا غلام فريد بٽالوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هڪ بزرگ ٿي گذريا آهن، ويجهر جا ئي آهن، گهٽو پراڻا نہ آهن. انهن جي دل ۾ هڪ خواهش هئي تہ ڪنهن طرح الله پاڪ جو قرب حاصل ٿي وڃي، باطن جي صفائي ٿئي ۽ دل جا دروازا کُلي وڃن. اها ئي خواهش کڻي عبادتون ۽ رياضتون ڪندا رهيا، بزرگن جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا رهيا، پر جيڪو مقصد هو سو حاصل نہ ٿي سگهيو، تمام گهٽو مايوس ٿي ويا، ايتري قدر مايوس ٿي ويا جو خودڪشي ڪرڻ جو ذهن بڻايائون ۽ ان مقصد جي لاءِ زهر بہ خريد ڪيائون.

پر الله پاڪ جي رحمت سان سندن مٿان ڪرم ٿي ويو، سُتا تہ قسمت جاڳي پئي. حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بگڙيل قسمت سنوارڻ جي لاءِ خواب ۾ تشريف کڻي آيا. هڪ ٻيو بزرگ بہ ساڻن گڏ هو. داتا حضور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بابا غلام فريد جو مسئلو ان بزرگ جي حوالي ڪري ڇڏيو. اک کُلي تہ ڏاڍو خوش ٿيا، خودڪشي جو بُرو ارادو بہ ترڪ ڪيائون، پر هاڻي سوچ ۾ پئجي ويا تہ اهو بزرگ ڪير هو؟ ان سان ڪيئن ملان؟ هڪ ڏينهن ڪنهن دوست سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا تہ سندن دوست چيو: جيڪڏهن دل جي

---

1...فیضان دار علی ہجویری، صفحہ:45۔

مراد حاصل ڪرڻ چاهين ٿو ته پِير مهر علي شاھ صاحب رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه جي خدمت ۾ وڃي حاضر ٿي.

فرمائن ٿا: مون کي ڇا گهربو هو؟ دل جي مراد...!! ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ مان گولڙه شريف به حاضر ٿي ويس. جيئن ئي پهتس ته ڇا ٿو ڏسان ته اهي ئي بزرگ جيڪي داتا حضور رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه سان گڏ خواب ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، اهي ئي پير مهر علي شاھ صاحب رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه آهن. مان فوراً سندن هٿ تي بيعت ڪئي ۽ انهن جي غلامي ۾ رهي باطن جي صفائي ۾ مشغول ٿي ويس.[1]

| | |
|---|---|
| آپ محتاجوں کے والی درد مندوں کی دواء | بیکسوں کے آپ وارث اے ولی، شانِ خدا |
| مشکلیں حل ہوتی ہیں دربارِ عالی سے سدا | جاری دریا ہے سخاوت کا تری شہنشاہ |

گنج بخش فیضِ عالم مظہرِ نورِ خدا
ناقصاں را پیرِ کامِل کاملاں را رہنما

# معذور کي شِفا ملي وئي

لاهور جي هڪ رهواسيءَ جو بيان آهي ته: هڪ دفعو مان پنهنجي هڪ دوست سان گڏ داتا حضور جي بارگاھ ۾ سلام عرض ڪرڻ جي لاءِ وڃي رهيو هئس، رستي ۾ لوهاري دروازي وٽ هڪ شخص نظر آيو، جيڪو سُرمو وڪڻي رهيو هو. منهنجي دوست ان پوڙهي شخص ڏانهن اشارو ڪندي چيو: هي شخص داتا حضور رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه جي زنده ڪرامت آهي. مون حيرت مان پڇيو: اهو ڪيئن؟ هن چيو: اچو ته ان جي باري ۾ سندس ئي زباني ٻڌون ٿا. اسان ٻئي ان وٽ وياسين ۽ ڪائنس واقعو پڇيوسون، هن وراڻيو ته تقريباً 25 يا 30 سال پهريان جي ڳالھ آهي، مان اپاهج (يعني معذور) هئس، مان گُهمِي ڦِري نه سگهندو هئس، پر منهنجي عادت هئي ته جمعي جي نماز داتا حضور رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه جي مزار شريف جي ڀرسان واري مسجد ۾ ئي پڙهندو هئس. منهنجا پٽ مون کي کڻي به ايندا

1...سيرت بعد وصال حضرت داتا گنج بخش،صفحه:135و 136 خلاصةً.

هئا ۽ واپس بہ وني ويندا هئا. هڪ ڏينهن جمعي جي نماز جي لاءِ مسجد ۾ موجود هئس، اقامت چَئِي پَئِي وئي، مون ڏٺو تہ هڪ نوراني چهري وارا بزرگ منهنجي پرسان بيٺا آهن. هنن فرمايو: تون اُٿي چو نہ ٿو بِيهين؟ مون جواب ڏنو: مان تہ لاچار آهيان، ٽنگن کان معذور آهيان. ان بزرگ زور سان منهنجو هٿ پڪڙي فرمايو: اُٿ!... تون بلڪل ٺيڪ آهين. جيئن ئي هنن مون کي اٿاريو تہ مان اٿي بيٺس، جڏهن تہ مان ڪڏهن ٽنگن کان معذور ٿي نہ هيس. نماز کان پوءِ مون ان بزرگ کي تمام گهڻو ڳولهيو، پر هو مون کي نہ مليا.[1]

ميں ہوں عصياں کا مريض اور تم طبيبِ عاصِياں
ہو عطا مجھ کو گناہوں کی دوا داتا پيا!![2]

## مُلا جمال تلوي تي ڪرم...!!

هڪ نيڪ بزرگ ٿي گذريا آهن، مُلا جمال تلوي. جيڪي لاهور جا رهواسي هئا، انهن کي داتا حضور رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه سان تمام گهڻي عقيدت هئي. **12** سالن تائين مسلسل سندن معمول رهيو تہ داتا حضور جي سلام لاءِ حاضر ٿيندا رهيا، چاهي گرمي هجي يا سردي، مِينهُن هجي يا طوفان، ڪنهن بہ طريقي سان داتا دربار ضرور پهچي ويندا هئا. هڪ دفعي ائين ٿيو جو مُلّا جمال تَلْوِي کي سخت بک لڳي هئي، وَٽن پئسا بہ ڪونہ هئا ۽ ڪين ڪٿان ڪاڏو بہ نہ ملي سگهيو. انهيءَ ئي حالت ۾ هڪ باغ ۾ ويا، جتي شهتوت (يعني تُوت) جو وڻ هو. هو ان وڻ جي هيٺان ويهي رهيا، اوچتو ڇا ٿا ڏسن تہ وڻ تي هڪ نوراني چهري وارا بزرگ ويٺا آهن، جن فرمايو: مُلّا جمال! شهتوتَ يعني تُوتَ کائيندين؟ ائين چئي هنن وڻ جي شاخ کي لوڏيو، تہ ان مان تازا پڪل تُوتَ ڪرڻ لڳا جڏهن تہ اها شهتوتَ جي موسم بہ نہ هئي. مُلّا جمال تَلْوِي فرمائن ٿا تہ مون کي يقين آهي تہ اهي بزرگ داتا حضور رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه ئي هئا.[3]

---

1... سيرت بعد وصال حضرت داتا گنج بخش،صفحہ:141خلاصۃً۔
2...وسائلِ بخش، صفحہ:534۔
3... سيرتَ بعد وصال حضرت داتا گنج بخش،صفحہ:174خلاصۃً۔

آپ کی چشمِ کرم ہو جائے گر بدحال پر
دُور ہو غم کی ابھی کالی گھٹا داتا پیا (1)

# داتا حضور جي طرفان قافلي جي خيرخواهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي فيضانِ اولياء آهي. الله پاڪ جو فضل آهي ته اولياءِ ڪرام دعوتِ اسلامي وارن عاشقانِ رسول تي ڪرم نوازيون فرمائيندا رهندا آهن. هڪ دفعي جو واقعو آهي ته ڪجهه اسلامي ڀائر، جيڪي **دعوتِ اسلامي** وارن عاشقانِ رسول سان گڏ قافلي جا مسافر هئا، سنتون سکي رهيا هئا ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪري رهيا هئا، انهن جو بيان آهي ته اسان جو قافلو خدا جي راهه ۾ سفر ڪندي لاهور ۾ داتا دربار واري مسجد ۾ پهتو. اتي اسان جو ٽن ڏينهن جو قيام هو. قافلي جي جدول (*Schedule*) مطابق سنتون سکڻ ۽ سيکارڻ جو حلقو لڳل هو. ان دوران هڪ صاحب تشريف ڪٺي آيا، جن عاشقانِ رسول سان وڏي محبت سان ملاقات ڪئي ۽ پوءِ چيائون: اَلْحَمْدُلله!اڄ رات منهنجي قسمت جو سِتارو چمڪيو، حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه مون گنهگار جي خواب ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون: دعوتِ اسلامي جي قافلي وارا عاشقانِ رسول ٽن ڏينهن جي لاءِ منهنجي مسجد ۾ ترسيل آهن، تون سندن کاڌي پيتي جو انتظام ڪر! تنهنڪري مان قافلي وارن جي خيرخواهي لاءِ کاڌو کڻي آيو آهيان، قبول فرمايو!

کیا غرض در در پھروں میں بھیک لینے کیلئے
ہے سلامت آستانہ آپ کا داتا پیا
جھولیاں بھر بھر کے لے جاتے ہیں منگتے رات دن
ہو مری اُمّید کا گلشن ہرا داتا پیا (2)

---

1...وسائلِ بخشش،صفحہ:534۔
2...وسائلِ بخشش،صفحہ:534۔

# رُوحاني توجهه سان مسئلن جو حل

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان آيتِ ڪريمه پڙهي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَالۡمُدَبِّرٰتِ اَمۡرًا ۟ ﴿۵﴾ (پارو: 30، النّٰزعٰت: 5) | ترجموڪنز العرفان: پوءِ ڪائنات جو نظام هلائڻ وارن جو (قسم...!!). |

امام فخر الدين رازي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: ڪڏهن ڪڏهن اولياءِ ڪرام جا پاڪ روح خواب ۾ تشريف فرمائي، يا ڪڏهن ڪڏهن ائين ئي روحاني توجهه سان اسان جي مشڪلاتن جو حل اسان کي ٻڌائي ڇڏيندا آهن. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! داتا حضور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه به پنهنجن چاهيندڙن جي اهڙي طرح مدد فرمائيندا رهندا آهن.

# داتا حضور رُوحاني مدد فرمائي...!!

حضور خواجه قمرالدين سيالوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پاڪستان جي مشهور ۽ معروف شخصيت (*Famous Personality*) آهن. هڪ دفعي پاڻ داتا حضور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي دربار سان گڏ نهيل مسجد ۾ وينا هئا، ساڻس گڏ ڪيترائي مريد ۽ محبت ڪرڻ وارا به موجود هئا. ايتري ۾ هڪ غير مسلم اتي آيو. ماڻهن خواجه قمر الدين سيالوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي ٻڌايو ته هي غير مسلمن جو وڏو عالِم آهي ۽ عاشقانِ رسول عالمن سان هَرُوِيَرُو بحث ڪري کين تنگ ڪندو رهندو آهي. اصل ۾ اهو شخص خواجه قمر الدين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي به تنگ ڪرڻ جي نيت سان آيو هو. تنهنڪري هن هڪ سوال پڇيو، چيائين: اوهان مسلمان مسجدن جي ديوارن تي هڪ شعر لکندا آهيو:

چراغ و مسجد و محراب و منبر | ابوبکر و عمر، عثمان و حيدر

**وضاحت:** يعني ابوبَڪر صديق، عُمَرِ فاروق، عثمانِ غني، علي المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم (اسلام جا پهريان چار خليفا) ڏِيئي وانگر روشني پکيڙڻ وارا، مسجد جيان عزت ۽ شان وارا ۽ محراب ۽ منبر جا حقيقي وارث آهن.

غير مسلم پڇيو: اوهان مسجدن جي پٽين تي هي شعر ڇو لکندا آهيو؟ خواجہ قمر الدين سيالوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمايو: ان ڪري تہ جڏهن بہ ڪو ماڻهو مسجد ۾ داخل ٿئي تہ کيس خبر پوي تہ هيءَ مسجد عاشقانِ رسول، عاشقانِ اهل بيت ۽ عاشقانِ صحابہ جي ٺاهيل آهي. اهڙو جواب ٻڌي ان غير مسلم وراڻيو: توهان مسلمان آهيو، حضرت محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي پنهنجو نبي مڃيندا آهيو، اوهان کي تہ گهرجي تہ صرف انهن جي تعريف ڪريو، روشني پکيڙڻ وارو چراغ، مسجد جيان شان ۽ عزت وارو، محراب ۽ منبر جو حقيقي مالڪ صرف محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ئي مڃيو، پر توهان اهي شانَ محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بدران ڪنهن ٻئي جي لاءِ مڃيو ٿا، تنهنڪري اوهان صحابہ لاءِ اهي شانَ مڃي، محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شان ۾ گهٽتائي ڪري رهيا آهيو، جڏهن تہ هو اوهان جا نبي آهن.

خواجہ قمر الدين سيالوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هن اعتراض جا ڪيترائي جواب ڏنا، پر هو ايترو تہ ضدي هو جو مڃڻ لاءِ تيار ئي نہ هو. (ظاهر آهي تہ اتي ٻيا بہ ڪيترائي ماڻهو موجود هئا، جيڪڏهن هن غير مسلم کي مطمئن نہ ڪيو وڃي ها تہ ٻين جي دلين ۾ بہ وسوسا پيدا ٿي پئي سگهيا) خواجہ قمر الدين سيالوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مان سوچڻ لڳس تہ هن کي مطمئن (***Satisfy***) ڪريان تہ ڪيئن ڪريان؟ اچان انهيءَ ئي سوچ ۾ گُم هئس تہ داتا حضور رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ڪرم فرمايو، سندن روضہءِ پُرنور مان هڪ نور جو شعاع بلند ٿيو ۽ اچي منهنجي سيني ۾ داخل ٿي ويو. انهيءَ ئي وقت داتا حضور رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي فيضان سان مون کي هن اعتراض جو جواب سمجهہ ۾ اچي ويو، مون ان غير مسلم کي چيو: اي شخص ٻڌ! اسان جيڪو چوندا آهيون:

چراغ و مسجد و محراب و منبر | ابوبکر و عمر، عثمان و حيدر

**وضاحت:** ان جو حقيقي مطلب هي آهي تہ اسان جا آقا و مولىٰ، محمد مصطفىٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهڙي شان وارا نبي آهن جو ۞ انهن پنهنجي نگاهِ

نبوت سان ڪنهن کي چراغ جيان روشني ڏيڻ وارو بڻائي ڇڏيو ۞ ڪنهن کي مسجد جيان شان ۽ عزت عطا فرمائي ڇڏي ۞ ڪنهن کي محراب ۽ منبر جو مالڪ بڻائي قيامت تائين امام، پيشوا ۽ رهنما بڻائي ڇڏيو. تنهنڪري هن شعر ۾ حضرت ابوبڪر، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمانِ غني، حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہم جن جو شان ته آهي ئي آهي، پر ان سان گڏوگڏ هِن ڳالهه جو به بيان آهي ته:

| جس کے حُضور ہو گئے، اس کا زمانہ ہو گیا | دامنِ مصطفیٰ سے جو لپٹا یگانہ ہو گیا |
| --- | --- |

تنهنڪري هي شعر ظاهري طور ته صحابهءِ ڪِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي شان ۾ آهي، پر اصل ۾ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت ۽ شان کي بيان ڪري رهيو آهي. بس هي جواب ٻڌڻ جي دير هئي ۽ اهو غير مسلم بيهوش ٿي ڪري پيو، سندس پڳڙي متي تان لهي وئي. جڏهن افاقو ٿيو ته پاڻُ سنڀاليندي چيائين: جيڪو جواب (*Answer*) اڄ اوهان مون کي ڏنو آهي، اهو اڄ کان پهريان مون کي ڪنهن به نه ڏنو هو.[1]

## هر صحابيءِ نبي، جنتي! جنتي!

الله! الله! اي عاشقانِ رسول! اي عاشقانِ صحابه ۽ اهل بيت! ٿورو غور فرمايو! اولياءِ ڪِرام کي صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان سان ڪيتري قدر محبت آهي. حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنجين صدي هجري جا بزرگ آهن، خواجه قمر الدين سيالوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه گذريل صدي جا بزرگ آهن، يعني وچ ۾ لڳ ڀڳ 9 صدين جو فاصلو آهي. انهن 9 صدين کان پوءِ خواجه قمر الدين سيالوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه داتا حضور جي بارگاهه ۾ حاضر آهن. هڪ غير مسلم اچي ٿو ۽ صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي شان تي اعتراض ڪري ٿو. حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جڏهن دنيا ۾ هئا، تڏهن صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان

1...نام محمد کے میں قربان ،صفحہ:44- 45 بتغیر قلیل۔

جو شان بيان ته ڪندا ئي هئا، پر قربان وڃجي! سندن وصال ڪان صديون گذرڻ ڪان پوءِ به جڏهن صحابهءِ ڪرام جي شان تي اعتراض ڪيو ويو، ته مزار پاڪ ۾ ليٽيل هوندي به ڪانئن اها ڳالهه برداشت نه ٿي ۽ پاڻ پنهنجي روحاني فيضان سان صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي شان جو اظهار فرمايائون.

اَلۡحَمۡدُ لله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم **دعوتِ اسلامي فيضانِ اولياء به آهي،** **فيضانِ داتا به آهي.** الله پاڪ جي فضل سان، ان جي عطا سان، داتا حضور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه دنيا مان پردو فرمائڻ ڪان پوءِ به پنهنجي روحاني فيضان سان جن صحابهءِ ڪرام جي شان جو اظهار فرمايو، اڄ دعوتِ اسلامي به انهن ئي صحابهءِ ڪِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي محبت جا جام پري پري پياري رهي آهي. اَلۡحَمۡدُ لله! هي دعوتِ اسلامي جو ئي فيضان آهي جو اڄ هر ٻار جي زبان تي هي نعرو گونجي رهيو آهي:

| | | |
|---|---|---|
| هر صحابيِ نبي! جنّتي! جنّتي! | سب صحابيات بھی! جنّتي! جنّتي! | |
| چار يارانِ نبي! جنّتي! جنّتي! | حضرتِ صدّيق بھی! جنّتي! جنّتي! | |
| اور عُمر فاروق بھی! جنّتي! جنّتي! | عُثمانِ غنی! جنّتي! جنّتي! | |
| فاطمه اور علی! جنّتي! جنّتي! | ہیں حسن حسین بھی! جنّتي! جنّتي! | |

## چا غيرُالله کي داتا چئي سگهجي ٿو...!!

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! داتا حضور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جون اهي عنايتون ۽ نوازشون اڄ به سندن چاهڻ وارن جي مٿان مسلسل ٿي رهيون آهن. هي داتا حضور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو فيضان آهي، جو اڄ به جيڪو سندن دربار ۾ جهڙي نيت ۽ مقصد سان حاضر ٿيندو آهي تنهنکي اهو سڀ ڪجهه حاصل ٿي ويندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن دلين ۾ وسوسو ايندو آهي ته چا غيرُالله کي داتا چئي سگهجي ٿو؟ ڏيڻ واري ذات ته الله پاڪ جي آهي، پوءِ ڪنهن ٻئي کي اسين داتا ڇو چئون؟

هن سلسلي ۾ هي ڳالهه ياد رکو! تہ ٻانهي کي داتا چوڻ بلڪل درست آهي، اها ڳالهه قرآن ڪريم مان بہ ثابت آهي. سيپارو **16**، سورت مريم ۾ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي امڙ سائڻ حضرت مريم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا جو واقعو ذڪر ٿيل آهي. جڏهن حضرت مريم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا اڪيلائي ۾ تشريف وٺي ويون تہ اتي هڪ نوراني شڪل وارو نوجوان ڏٺائون. پاڻ تمام باحيا هيون، پنهنجي ڪمري ۾ ائين نوجوان کي موجود ڏسي چيائون:

| | |
|---|---|
| اِنِّيْۤ اَعُوْذُ بِالرَّحْمٰنِ مِنْكَ (پارو: 16، مريم: 18) | ترجمو ڪنز العرفان: مان توکان رحمٰن جي پناهہ گهران ٿي. |

اهو نوجوان ڪو انسان نہ هو، بلڪ انساني شڪل ۾ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام هئا، انهن فرمايو:

| | |
|---|---|
| اِنَّمَاۤ اَنَا رَسُوْلُ رَبِّكِ ۖۗ لِاَهَبَ لَكِ غُلٰمًا زَكِيًّا ﴿۱۹﴾ (پارو: 16، مريم: 19) | ترجمو ڪنز العرفان: مان تہ تنهنجي رب جو موڪليل آهيان تہ جيئن مان توکي هڪ پاڪيزهہ پٽ ڏيان. |

يعني اي مريم! گهبراءِ نہ ...!! مان الله پاڪ جو موڪليل فرشتو آهيان، توکي پٽ ڏيڻ آيو آهيان.

سُبْحٰنَ الله! هي صاف لفظ آهن **داتا** وارا آهن، يعني حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام، جيڪي يقيناً غيرُ الله آهن، الله پاڪ جي عطا سان، الله پاڪ جي طرفان حضرت مريم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا کي پٽ ڏيڻ آيا هئا. معلوم ٿيو تہ **غيرُ الله کي داتا چوڻ بہ درست آهي ۽ داتا مڃڻ بہ درست آهي.**

## داتا حُضُور رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي تعليمات

پيارا اسلامي ڀائرو! حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ تمام بلند مرتبي واري هستي آهن. الله پاڪ جي فضل سان اوهان جي دربارِ عاليشان مان هر وقت سائلن جون جهوليون پرجنديون آهن ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

قيامت تائين پرجنديون رهنديون. اللّٰه پاڪ اسان سيني کي اولياءِ ڪرام سان عقيدت رکڻ وارو بڻائي.

هڪ ڳالهه جيڪا عرض ڪرڻ چاهيان ٿو، اها هيءَ ته اولياءِ ڪرام جون ڪرامتون يقيناً حق آهن، اِهي اللّٰه وارا پنهنجن چاهيندڙن جي مدد به ڪندا آهن، سندن مشڪلاتون به حل ڪندا آهن، ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي. پر اسان کي انهن جي ڏنل تعليمات تي به توجهه ڏيڻ گهرجي، بلڪ دنياوي مشڪلاتون حل ٿين يا نه ٿين، اولياءِ ڪرام جي تعليمات تي توجهه ۽ انهن تي عمل ضرور ڪرڻ گهرجي.

اچو ته داتا حضور رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جو هڪ مبارڪ فرمان ٻڌون ۽ نيت ڪريون ته ان تي عمل به ڪنداسين.

## علم سکڻ ضروري آهي

داتا حضور رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ فرمائن ٿا: اي حق جا طلبگار! توکي معلوم هجڻ گهرجي ته عمل ڪرڻ جي لاءِ جيترو علم ضروري آهي، ايتري قدر علم سکڻ فرض ۽ لازمي آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا: ائين سمجهه ته نماز هڪ عمل آهي ۞ جيستائين ٻانهي کي طهارت (جهڙوڪ وضو ۽ غسل) جا فرائض معلوم نه هجن ۞ پاڻيءَ جي سڃاڻپ نه هجي (مثال طور، اهو معلوم نه هجي ته ڪهڙي پاڻيءَ سان وضو ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪهڙي سان نه ٿو ڪري سگهجي) ۞ قبلي جي طرف متعلق ڄاڻ نه هجي ۞ نماز جا وقت ۽ ۞ فرائض ۽ واجبات وغيره جو علم نه هجي، تيستائين ٻانهو نماز صحيح طريقي سان ادا ئي نه ٿو ڪري سگهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! داتا حضور رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ ڪيڏي نه ڪم جي ڳالهه ارشاد فرمائي آهي. افسوس! اڄڪلهه ديني معلومات جي تمام گهڻي کوٽ آهي، اسان وٽ ديني علم سکڻ وارا تمام گهٽ آهن، اسان کي گهرجي ته فرض علم به سکون ۽ ان تي عمل به ڪريون.

---

1...ڪشف المحجوب، باب الاول فی اثبات العلم، صفحه:15 ملتقطاً۔

# مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي ترغيب

اَلْحَمْدُ لله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي، فيضانِ اولياءِ ۽ سندن تعليمات کي عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. دعوتِ اسلامي ڏينهن رات علمِ دين جي خدمت ڪري رهي آهي. دعوتِ اسلامي جي **12** ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم **مدرسة المدينہ بالغان** بہ آهي ۞ جنهن ۾ وڏي عمر وارن اسلامي ڀائرن کي قرآن ڪريم درست تجويد ۽ قرائت سان پڙهايو ويندو آهي ۞ ان سان گڏوگڏ نماز جا احڪام ۽ مسئلا بہ سيکاريا ويندا آهن ۞ سنتن جي باري ۾ بہ ٻڌايو ويندو آهي ۞ ۽ ترجمو ۽ تفسير پڙهڻ، ٻڌڻ جو موقعو بہ ملندو آهي ۞ **حديثِ پاڪ ۾ آهي:** اوهان مان بهتر اهو آهي جيڪو قرآن سکي ۽ سيکاري.[1] ۞ **هڪ ٻي روايت ۾ آهي:** جنهن شخص قرآن ڪريم سکيو، سيکاريو ۽ جيڪو ڪجهہ قرآن ڪريم ۾ آهي، ان تي عمل ڪيو، قرآن ڪريم ان جي شفاعت ڪندو ۽ ڪيس جنت ۾ وٺي ويندو.[2]

اي عاشقانِ اولياء! انهن فضيلتن جو حقدار بڻجڻ ۽ درست تجويد ۽ قرائت سان قرآن ڪريم سکڻ جي لاءِ مدرسة المدينہ بالغان ۾ داخلا وٺو! اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿينديون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# قرآن ٽيچر موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالاجي جو دور آهي. اَلْحَمْدُ لله! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ***I.T*** ڊپارٽمينٽ هڪ

1... بخاری، کتاب فضائل القرآن، باب خیرکم من ...الخ، صفحہ:1299، حدیث:5027۔
2...کنزالعمال، کتاب الاذکار، الباب السابع فی تلاوۃ القرآن ...الخ، جلد:1، جز:1، صفحہ:266، حدیث:2373۔

موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: قرآن ٽيچر (Quran Teacher).

ڪجهه اهم خاصيتون: ۞ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي درسِ نظامي، فيضانِ نماز ڪورس ۽ زڪوٰة ڪورس جهڙن بيشمار آن لائن ڪورسن لاءِ رجسٽريشن ڪرائي سگهجي ٿي ۞ ايجوڪيشن پورٽل (*Educational Portal*) ۾ اوهان جي آن لائن ڪلاس جي سرگرمين بابت اوهان کي باخبر رکيو ويندو آهي ۞ هيءَ ايپلي ڪيشن آن لائن ٽيڇ وارن ڪورسز بابت معلومات به فراهم ڪندي آهي، اوهان پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪنهن به ڪورس جو انتخاب ڪري سگهو ٿا ۽ بغير ڪنهن مشڪل جي آن لائن قرآن سکڻ لاءِ داخلا وٺي سگهو ٿا ۞ دعوتِ اسلامي جي هن پليٽ فارم تان اسلامي ڀائرن کي تقريباً **42** ۽ اسلامي ڀينرن کي تقريباً **38** مختلف اسلامي ڪورس ڪرايا ويندا آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان کي ختم ڪندي هڪ شرعي مسئلي جي وضاحت ڪريان ٿو

# درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام جي ذهنن ۾ پلجندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** جنازي نماز جي لاءِ ڪيل وضوءَ سان ٻيون نمازون به پڙهي سگهجن ٿيون.

**وضاحت:** عوام ۾ مشهور آهي ته جنازي جي نماز لاءِ جيڪو وضو ڪيو ويو آهي، ان سان ٻيون نمازون نه ٿيون پڙهي سگهجن. اها هڪ غلط فهمي آهي. نمازِ جنازه پڙهڻ جي لاءِ جيڪو وضو ڪيو ويو، انهيءَ وضوءَ سان ٻيون نمازون به پڙهي سگهجن ٿيون ۽ قرآن ڪريم کي به ڇهي سگهجي ٿو ان ۾ ڪو به حرج نه آهي. اهو مسئلو جنهن سبب عوام ۾ هيءَ غلط فهمي پيدا ٿي،

اهو هي آهي تہ مثال طور، جنازي جي نماز تيڻ واري آهي، هڪ شخص دير سان پهتو، هاڻي حالت اها آهي تہ جيڪڏهن وضو ڪندو تہ جنازي نماز پڙهجي ويندي. اهڙي صورت ۾ ڪيس اجازت آهي تہ تيمم ڪري نمازِ جنازه ۾ شريڪ ٿي وڃي، اهو جيڪو تيمم آهي، خاص ان جنازي جي نماز جي لاءِ آهي. اهڙي تيمم سان ٻيون نمازون نہ ٿيون پڙهي سگهجن، ڇو تہ اهو تيمم خاص نمازِ جنازه لاءِ هو ۽ شريعت هڪ خاص مجبوري تحت ان جي اجازت ڏني آهي. باقي رهيو وضو ...!! تہ ان جو اهو حڪم نہ آهي.(1) اللّٰہ پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# اَسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

يَا اَوَّلُ (اي قديم ذات ...!!)

جيڪڏهن زال ۽ مُڙس جي پاڻ ۾ محبت گهٽجي وڃي تہ روزانو اللّٰہ پاڪ جو پيارو نالو يَا اَوَّلُ 100 دفعا پڙهو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سندن محبت ۾ اضافو ٿيندو.(2)

اللّٰہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1... فتاوىٰ رضويہ، جلد:3، صفحہ:305 و306 خلاصةً ـ

2... مدني پنج سوره، صفحہ:258ـ